# اِحسَـــــانُ

نَحْمَدُهُ وَ نُصَلِّي عَلَيٰ رَسُوْلِهِ الْكَرِيمِ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيطَانِ الرَّجِيمِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمَانِ الرَّحِيمِ

وَاَحْسِنُوا اِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ (البقرة:195)

۽ احسان ڪيو بيشڪ الله احسان ڪرڻ وارن سان محبت رکي ٿو.

حسانُ عبادتن مان هڪ اعليٰ عبادت آهي.

نيڪين مان عظيم نيڪي آهي. ڪيفيتن مان هڪ مثالي ڪيفيت آهي. احسان ڪرڻ وارن سان الله محبت رکي ٿو.

الله احسان وارن جو ذرو ضايع نہ ٿو ڪري. انهن کي دنيا جون خوشيون آخرت جا انعام عطا ڪيا وڃن ٿا. احسان وارن سان الله راضي رهي ٿو. احسان ڪرڻ واري کي محسن سڏبو آهي. الله جي رحمت انهن کي تمام ويجهي هوندي آهي. رب ڪريم فرمايو تہ:

اِنَّ رَحْمَةَ اللَّهِ قَرِيبٌ مِنْ الْمُحْسِنِينَ (الاعراف:56)

بيشڪ الله جي رحمت احسان وارن کي تمام ويجهي هوندي آهي.

الله انهن کي مزيد ترقين سان نوازيندو آهي. رب فرمايو تہ:

وَسَنَزِيدُ الْمُحْسِنِينَ (البقرة:58)

۽ جلد اسان احسان ڪرڻ وارن کي وڌائيندا سين.

اِنَّ اللَّهَ لَا يُضِيعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِينَ (التوبة:120)

بيشڪ الله احسان وارن جو اجورو نہ ٿو وڃائي.

ٻانهو احسان ڪري ٿو. اهو ٻانهي جو عمل آهي. الله ان جو بهترين بدلو عطا ڪري ٿو اها جزا آهي. ٻانهي جي عمل احسان جي بدلي الله



وٽان احسان بطور انعام ملي ٿو. رب فرمايو تہ:

هَلْ جَزَاءُ الْإِحْسَانِ اِلَّا الْإِحْسَانُ (الرحمان:60)

احسان جو بدلو احسان کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ناهي.

حضرت عِڪرمہ چيو تہ ان آيت جو مطلب هي آهي تہ جنهن ماڻهو لاالـہ الا الله چيو ان جو بدلو جنت کان سواءِ ٻيو نہ آهي. (قرطبي)

حضرت ابن عباس چيو تہ جنهن ماڻهو لاالـہ الا الله چيو ۽ جيڪي احڪام محمد ڪريم ﷺ کڻي آيو انهن تي عمل ڪيائين تہ ان جو بدلو جنت رِيءَ ٻيو نہ آهي.

کن چيو تہ جن دنيا ۾ احسان ڪيو انهن جو بدلو آخرت ۾ انهن کي احسان سان ڏنو ويندو. (قرطبي)

**احسان جون جِهَتُون:** احسان جي معنيٰ ۽ مفهوم تمام وسيع آهي. احسان جون ٽي واضح جهتون آهن.

## 1. پنهنجي جان سان احسان:

پنهنجي جان کي جائز حقَ ڏيڻ ۽ انکي ڄاڻي واڻي هلاڪت ۾ نہ وجهڻ. پنهنجي جان کي جهنم جي باهہ کان بچائڻ ۽ انکي جنت جو حقدار بنائڻ وارا عمل ڪرڻ.

## 2. مخلوق سان احسان:

الله جي مخلوق سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ. جنهن جا جيترا وڌيڪ حق آهن ان سان اوترو وڌيڪ احسان ڪرڻ. رب العالمين پنهنجي ٻانهن کي هر هڪ سان احسان ڪرڻ جو امر فرمايو آهي. الله جو فرمان آهي تہ:

وَاعْبُدُوا اللَّهَ وَلَا تُشْرِكُوا بِهِ شَيْئًا وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَبِذِي الْقُرْبَىٰ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينِ وَالْجَارِ ذِي الْقُرْبَىٰ وَالْجَارِ الْجُنُبِ وَالصَّاحِبِ بِالْجَنْبِ وَابْنِ السَّبِيلِ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ اِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُورًا (النساءِ:36)

۽ الله جي بندگي ڪيو ان سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ نہ ڪيو ۽ پيءُ ماءُ سان احسان ڪيو ۽ رشتيدارن سان ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ ويجهن پاڙيسرين ۽ اجنبي پاڙيسرين ۽ هم مجلسن ۽ مسافر ۽ جن جا اوهين مالڪ بنجي چڪا آهيو( يعني ٻانهن ، انهن سڀني سان بہ احسان ڪيو) بيشڪ الله تڪبر ڪرڻ وارن فخر وارن کي پسند نہ ٿو ڪري.

قرآن ۾ ٻي جاءِ تي رب فرمايو تہ:

وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَذِي الْقُرْبَىٰ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينِ (البقرة: 83)

۽ پيءُ ماءُ سان احسان ڪيو ۽ مِٽن مائٽن سان ۽ يتيمن ۽ مسڪينن سان احسان ڪيو.

**الله جو امر :** الله ڪريم پنهنجي ٻانهن کي حڪم ڏنو آهي تہ عدل بہ ڪيو ۽ احسان بہ ڪيو.

اِنَّ اللَّهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالإِحْسَانِ وَاِيتَاءِ ذِي الْقُرْبَىٰ وَيَنْهَىٰ عَنْ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنكَرِ وَالْبَغْيِ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ (النحل:90)

بيشڪ الله (هر هڪ سان ) عدل ۽ احسان (ڪرڻ) جو حڪم ٿو فرمائي ۽ رشتيدارن کي ڏِ بو رهڻ جو بہ . ۽ منع ٿو فرمائي بيحيائي ۽ برائي جي ڪمن ۽ سرڪشي نافرماني کان. اوهان کي نصيحت ٿو فرمائي تہ جيئن اوهان ياد رکو.



حضرت عبد الله بن مسعود چيو تہ قرآن جي هيءَ آيت هر خير جو مجموعو آهي. جنهن تي عمل ڪيو وڃي. هر شر کان آگاهہ ڪندڙ آهي جنهن کان بچڻ گهرجي. رب ڪريم فرمايو تہ:

لِلَّذِينَ اَحْسَنُوا الْحُسْنَىٰ وَزِيَادَةٌ وَلَا يَرْهَقُ وُجُوهَهُمْ قَتَرٌ وَلَا ذِلَّةٌ اُوْلَائِكَ اَصْحَابُ الْجَنَّةِ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ (يونس:26)

انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي احسان ڪن ٿا بهترين بدلو آهي ۽ (انکان اجا ) وڌيڪ بہ آهي ۽ نہ انهن جي چهرن تي سياهي ايندي نہ ٻي آبرُ وئِ ي ايندي اهي ئي (تہ) جنتي آهن ۽ ان ۾ هميشہ رهڻ وارا آهن.

ابي امان سان احسان، اولاد سان احسان، گهر وارن سان احسان پاڙيسرين سان احسان، انسانن سان احسان پر جانورن، پکين ۽ الله جي سڀ مخلوق سان احسان ڪرڻ گهرجي. تانجو اگر ڪو پرندو پڃري ۾ آهي تہ ان سان بہ نيڪي ڪجي. گهر ۾ ڪو جانور آهي تہ ان سان بہ نيڪي ۽ احسان ڪجي. رب فرمايو تہ:

فَاِنَّ اللَّهَ لَا يُضِيعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِينَ (هود:115)

پوءِ بيشڪ الله احسان ڪندڙن جو اجر (ذرو بہ ) ضايع نہ ٿو ڪري.

هڪ جاءِ تي رب ڪريم محسنن بابت فرمايو تہ:

نُصِيبُ بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَشَاءُ وَلَا نُضِيعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِينَ (يوسف:56)

اسان جنهن کي چاهيون ٿا پنهنجي رحمت عطا ڪيون ٿا ۽ احسان ڪندڙن جو اجر نہ ٿا وِ ڃايون.

**3. ٻانهي جو رب لاءِ احسان:** احسان جي ٽينجهِ ھت ھي آھي جو ٻانھو پنھنجي رب لاءِ محسن بنجي وڃي. ان احسان جو مطلب ھي آھي تہ ٻانھو پنھنجي مالڪ ڪريم جي محبت ۽ الفت جو پيڪر بنجي وڃي. الله سان محبت ۾ اھڙو محو ٿي وڃي جو ان جي دل مان ٻيا سڀ خيال ختم ٿي وڃن. جڏھن الله جي عبادت ۾ ويھي تہ سندس ھيءَحال بنجي وڃي ڄڻڪ الله جي حسنِ مطلق جا جلوا ڏسي رھيو آھي. پر اگر ان مقام کي نہ رسيو آھي تہ گھٽ ۾ گھٽ اھو تصور ڪري تہ منھنجو رب مون کي ڏسي رھيو آھي. حديث جبريل ۾ آھي تہ جبريل حضرت حبيب ڪريم ﷺ کان پڇيو تہ يا رسول الله احسان ڇا آھي؟ پاڻ فرمايائون:

اَنْ تَعْبُدَ اللّٰهَ كَأَنَّكَ تَرَاهُ فَإِنَّكَ اِنْ لَمْ تَكُنْ تَرَاهُ فَإِنَّهُ يَرَاكَ(ترمذي)

احسان ھي آھي جو الله جي عبادت ائين ڪرين ڄڻڪ تون ان کي ڏسي رھيو آھين. پر اگر تون ان (ڳالھ کي نہ پھتو آھين) تہ پوءِ (ھي تصور ڪر) تہ اھو تو کي ڏسي رھيو آھي.

رب ڪريم فرمايو تہ:

بَلٰى مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهُ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَلَهُ اَجْرُهُ عِنْدَ رَبِّهِ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ (البقرة:112)

ائو جنھن پنھنجو چھرو الله لاءِ جُھڪايو (پاڻ کي الله جي حوالي ڪيائين) ۽ اھو صاحبِ احسان آھي تہ پوءِ ان جو اجر ان جي رب وٽ آھي ۽ انھن ماڻھن تي نہ ڪو ڊپ آھي نہ اھي ڏکارا ٿيندا.

وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ (آل عمران:134)



۽ الله احسان ڪرڻ وارن کي محبوب رکي ٿو.

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِينَ اتَّقَوْا وَالَّذِينَ هُمْ مُحْسِنُونَ (النحل:128)

بيشڪ الله پرھيزگارن سان گڏ آھي ۽ اھي احسان ڪرڻ وارا آھن.

وَبَشِّرْ الْمُحْسِنِينَ (الحج:37)

اي محبوب احسان ڪرڻ وارن کي (ڪاميابي جي) خوشخبري ڏي.

وَالَّذِينَ جَاهَدُوا فِينَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِينَ (العنكبوت:69)

۽ اھي ماڻھو جيڪي اسان سان (ملڻ جي راھ) ۾ مجاھدو ڪن ٿا تہ اسان بہ ضرور انھن کي پنھنجون راھون کولي ڏينداسين ۽ بيشڪ الله احسان ڪرڻ وارن سان گڏ آھي.

هُدًى وَرَحْمَةً لِلْمُحْسِنِينَ (لقمان:3)

ھدايت ۽ رحمت احسان ڪرڻ وارن لاءِ آھي.

لَهُمْ مَا يَشَاءُونَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ذَالِكَ جَزَاءُ الْمُحْسِنِينَ (الزمر:34)

انھن لاءِ انھن جي رب وٽ ھر اھا چيز آھي جيڪا چاھيندا اھو احسان ڪرڻ وارن جو بدلو آھي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ لِيَجْزِيَ الَّذِينَ اَسَاءُوا بِمَا عَمِلُوا وَيَجْزِيَ الَّذِينَ اَحْسَنُوا بِالْحُسْنٰى (النجم:31)

۽ الله لاءِ آھي جو ڪجھ آسمانن ۾ آھي ۽ جو ڪجھ زمين ۾ آھي. تان تہ جن ماڻھن برايون ڪيون انھن کي انھن جي عملن جو بدلو ڏئي ۽ جن ماڻھن احسان ڪيو انھن کي سھڻو بدلو عطا ڪري.